# سنڌ ايڪٽ نمبر XII مجريه 2015

# SINDH ACT NO.XII OF 2015

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2015

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 2015

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Act No.XLII of 2013

3. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 9 جي ترميم
Amendment of section 9 of Sindh Act No.XLII of 2013

4. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 10 جو متبادل
Substituion of Section 10 of Sindh Act No.XLII of 2013

5. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 14 جي ترميم
Amendment of Section 14 of Sindh Act No.XLII of 2013

6. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 17 جو متبادل
Substituion of Section 17 of Sindh Act No.XLII of 2013

7. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 18 جي ترميم

Amendment of Section 18 of Sindh Act No.XLII of 2013

.8 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 21 جي ترميم

Amendment of Section 21 of Sindh Act No.XLII of 2013

.9 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 8_A جي نئين داخلا

Insertion of new of Section 8_A of Sindh Act No.XLII of 2013

.10 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جو متبادل

Substitution of Sindh Act No.XLII of 2013

.11 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي شيڊول_1 جي ترميم

Amendment of Schedule_I of Sindh Act No.XLII of 2013

# سنڌ ايڪٽ نمبر XII مجريه 2015

# SINDH ACT NO.XII OF 2015

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2015

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ACT, 2015

[2 مارچ، 2015]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

ان ڪري هن ريت جوڙي عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2015 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 8 جي ترميم

2. سنڌ مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 8 ۾:

(a) ذيلي دفعه (2) ۾، شق (a) ۾، لفظن "۽ يونين ڪميٽي" لاءِ،

Amendment of Section 8 of Sindh Act No.XLII of 2013

كاما ۽ لفظ "يونين ڪميٽي ۽ وارڊ" کي متبادل بڻايو ويندو؛

(b) ذيلي دفعه (3) ۾ لفظن "۽ يونين ڪميٽي" لاءِ ڪاما ۽ لفظ "يونين ڪميٽي ۽ وارڊ" کي متبادل بڻايو ويندو.

سنڌ 2013 جي ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 9 جي ترميم

Amendment of section 9 of Sindh Act No.XLII of 2013

3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾ دفعه 9 ۾ـ

(a) ذيلي دفعه (1) ۾ لفظن جي "حدود" کانپوءِ لفظ "هڪ ڪائونسل سواءِ يونين ڪائونسل يا يونين ڪميٽي جي حد بندي جي عمل دوران" داخل ڪيا ويندا؛

(b) ذيلي دفعه (2) ۾ شق (b) ۾ آخر ۾ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کان پوءِ هيٺين شرط شامل ڪئي ويندي: ـ

"بشرطيڪ ته اليڪشن ڪميشن طرفان اليڪشن شيڊول جي اعلان کانپوءِ اليڪشن جي واپسي وارن اميدوارن جي نوٽيفڪيشن تائين مقامي علائقي جون حدون تبديل نه ٿينديون.

سنڌ 2013 جي ايڪٽ نمبر XLII جي دفعه 10 جو متبادل

Substituion of Section 10 of Sindh Act

4. ڄاڻايل ايڪٽ ۾ دفعه 10 لاءِ هيٺين کي متبادل بڻايو ويندو:ـ

"10. **يونين ڪائونسل، يونين ڪميٽي ۽ وارڊ جي حدبندي** (1) حڪومت، سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، ميونسپل ڪميٽين ۽ ٽائون ڪميٽين ۾ يونين ڪائونسلن، يونين ڪميٽين ۽ وارڊن جو تعداد فرسٽ شيڊول مطابق طئي ڪندي."

| | |
|---|---|
| No.XLII of 2013 | (2) دفعہ 8 تحت ڪائونسلن جي حدبندي ۽ ذيلي دفعہ (1) تحت يونين ڪائونسلن، يونين ڪميٽين ۽ وارڊن جي تعداد جو تعين ڪرڻ ڪان پوءِ، اليڪشن ڪميشن يونين ڪائونسلن، يونين ڪميٽين ۽ وارڊن جي حد بندي ڪندو. |

(3) جيترو ممڪن ٿي سگهي۔

(a) يونين ڪائونسل، يونين ڪميٽي يا وارڊ جو علائقو، جيئن معاملو هجي، هڪ علائقائي اتحاد هوندو؛

(b) يونين ڪائونسلون، يونين ڪميٽيون يا وارڊن جي آبادي، جيئن معاملو هجي، ضلعي لاءِ بهتر هجي؛

(c) يونين ڪائونسل، يونين ڪميٽي يا وارڊ جي حد، روينيو تعلقو يا جيئن معاملو هجي، ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن، ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشن، ميونسپل ڪارپوريشن، ميونسپل ڪميٽي ۽ ٽائون ڪاميٽي جون حدون نہ اورانگهيندو؛

(d) تڪبندين جي حدبندي ايڪٽ، 1974 يا ڪنهن ٻئي قانون ۾، جيڪي اصول واضح ڪيا ويا آهن، انهن تي عمل ڪري سگهجي ٿو.

(4) يونين ڪائونسل يا يونين ڪميٽي عام ميمبرن جي لاءِ چار وارڊن تي ٻڌل هوندي يا هڪ يا هڪ کان وڌيڪ مردم شماري بلاڪس تي ٻڌل هوندي، جيئن تہ گذريل اڳوڻي مردم شماري يا مردم شماري جي مقصدن جي لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. بلاڪ يا روينيو ديهہ، حد بندي ۽ اليڪيشن ڪميشن جي ذريعي آگاهہ ڪيو ويو آهي.

(5) شهري يا ٻهراڙي علائقن ۾ وارڊ، جيستائين ممڪن هجي، مردم شماري بلاڪ يا پرپاسي جي مردم شماري

بلاڪن تي ٻڌل هوندو، جيئن تہ گذريل مردم شماري يا مردم شماري بلاڪ يا بلاڪس جي مقصدن جي لاءِ طئي ڪيو ويو آهي ۽ هن روينيو ديهہ يا ديهن جي حد بندي اليڪشن ڪميشن پاران نوٽيفياءِ ڪيو ويندو.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 14 جي ترميم
Amendment of Section 14 of Sindh Act No.XLII of 2013

5. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 14 ۾، ذيلي دفعہ (2) جي لاءِ، ڄاڻايل ڪي تبديل ڪيو ويندو:-

"(2)حڪومت ڪنهن بہ ٽائون ڪميٽي، ميونسپل ڪميٽي، ميونسپل ڪارپوريشن يا ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي رهائشين جا اعتراض گهرائڻ ڪانپوءِ ۽ ان مان انهن ڪي ٻڌڻ ڪانپوءِ جيڪي ذاتي حيثيت سان ٻڌڻ چاهين ٿا، نوٽيفڪيشن جي ذريعي هن جي مطابق ڪائونسل جي حيثيت جو اعلان ڪري سگهي ٿي."

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 17 جو متبادل
Substituion of Section 17 of Sindh Act No.XLII of 2013

6. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 17 جي لاءِ، ڄاڻايل ڪي تبديل ڪيو ويندو:-

"17. ڪائونسل جي علائقي ۾ واڌ يا تبديلي، حڪومت ڪنهن بہ يونين ڪائونسل، يونين ڪميٽي، ٽائون ڪميٽي، ميونسپل ڪاميٽي، ميونسپل ڪارپوريشن يا ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي رهائشين ڪان اعتراض گهرائڻ ڪانپوءِ، ۽ ان ۾ جيڪي ٻڌڻ چاهين ٿا، لاڳاپيل ڪائونسل سان مشوري ڪانپوءِ نوٽيفڪيشن جي ذريعي واڌ ڪري سگهي ٿي، اهڙي ڪائونسل جي حدن ڪي گهٽ يا تبديل ڪرڻ، يا اهڙو اعلان ڪرڻ تہ اهڙي ڪا بہ ڪائونسل هڪ مخصوص تاريخ ڪان يونين ڪائونسل،

يونين ڪميٽي، ٽائون ڪميٽي، ميونسپل ڪميٽي، ٽائون ڪميٽي، ڪارپوريشن يا ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن نہ رهندي.

بشرطيڪ هن دفعہ ۾ شامل ڪنهن بہ شئي جو لاڳو يونين ڪائونسل ۽ يونين ڪميٽي تي حد بندي جي عمل جي دوران نہ هوندو.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 18 جي ترميم
Amendment of Section 18 of Sindh Act No.XLII of 2013

7. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 18 ۾۔

(i) ذيلي دفعہ (2) ۾، شق (a) ، (b)، (c)، (d) جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:۔

(a) ”هڪ چيئرمين ۽ هڪ وائيس چيئرمين بحيثيت گڏيل اميدوار؛“

(b) چار جنرل ميمبر جن مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي وارڊ مان چونڊيو ويندو آهي؛

(c) هڪ عورت ميمبر؛

(d) هڪ مزدور يا هاري ميمبر؛ ۽

(e) هڪ غير مسلم ميمبر؛

بشرطيڪ هر يونين ڪميٽي جو چيئرمين ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن يا ميونسپل ڪارپوريشن ۾ يونين ڪميٽي جي نمائندگي ڪندو. جيئن معاملو هجي ۽ وائيس چيئرمين لاڳاپيل ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشن ۾ يونين ڪميٽي جي نمائندگي ڪندو.

(ii) ڄاڻايل دفعہ (3) جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:۔

”(3) **ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشن:** ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ هر ضلعي جي لاءِ هڪ ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشن هوندي ۽ ان ۾ هيٺ ڄاڻايل ميمبر هوندا:۔“

(a) هن ضلعي جي اندر ايندڙ يونين ڪميٽين جا سمورا چونڊيل نائب چيئرمين؛

(b) عورت ميمبرن جي لاءِ 22 سيڪڙو غير مسلم ميمبرن جي لاءِ 5 سيڪڙو ۽ دفعه 18-A ۾ فراهم ڪيل طريقي سان چونڊيل مزدور يا هاري پاڪستان ميمبرن جي لاءِ 5 سيڪڙو جي حد تائين مخصوص سيٽون؛

(c) ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشن هن طرح جوڙي وئي آهي، ترتيبوار هڪ چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين پنهنجن ميمبرن مان چونڊيندي، جيڪي "شو آف هينڊ" جي ذريعي چونڊيا ويا آهن؛"

(iii) ذيلي دفعه (4) جي لاءِ، هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:-

"(4) **ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن:** هڪ ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن هيٺ ڄاڻايل ميمبرن تي ٻڌل هوندي:-

(a) لاڳاپيل ضلعن جي يونين ڪميٽين جا سمورا چونڊيل چيئرمين؛

(b) عورت ميمبرن جي لاءِ 22 سيڪڙو غير مسلم ميمبرن جي لاءِ 5 سيڪڙو ۽ دفعه 18-A ۾ فراهم ڪيل طريقي سان چونڊيل مزدور يا هاري ميمبر جي لاءِ 5 سيڪڙو جي حد تائين مخصوص سيٽون؛

(c) ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جيڪا هن طرح جوڙيو وئي آهي، اهي پنهنجي ميمبرن مان هڪ ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي چونڊ ڪندي، جيڪا "شو آف هينڊ" جي ذريعي چونڊيا ويندا؛"

(iv) ذيلي دفعہ (5) ۾ شق (a)، (b)، (d) ۽ (e) جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:ـ

(a) هڪ چيئرمين ۽ هڪ وائيس چيئرمين بحيثيت گڏيل اميدوار؛

(b) پنهنجي پنهنجي وارڊن مان چونڊيل چار جنرل ميمبر؛

(c) هڪ عورت ميمبر؛

(d) هڪ مزدور يا هاري ميمبر؛ ۽

(e) هڪ غير مسلم ميمبر؛

(v) ذيلي دفعہ (6) ۾ شق (a)، (b)، (c) جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:ـ

(a) لاڳاپيل ضلعن ۾ يونين ڪائونسلن جا سمورا چونڊيل چيئرمين؛

(b) عورتن ميمبرن جي لاءِ 22 سيڪڙو غير مسلم ميمبرن جي لاءِ 5 سيڪڙو ۽ دفعہ 18ـA جي مطابق چونڊيل مزدور يا هاري ميمبرن جي لاءِ 5 سيڪڙو جي حد تائين مخصوص سيٽون؛

(c)هن طرح جوڙيل ضلعي ڪائونسل پنهنجي ميمبرن مان هڪ چيئرمين ۽ هڪ وائيس چيئرمين جي چونڊ "هٿ ڏيکارڻ" جي ذريعي گڏيل اميدوار طور ڪندي.

(vi) ذيلي دفعہ (7) ۾ شق (a)، (b) ۽ (c) جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:ـ

(a) يونين ڪميٽين جي ذريعي چونڊيل ميمبر؛

(b) عورت ميمبرن جي لاءِ 20 سيڪڙو غير مسلم ميمبرن جي لاءِ 5 سيڪڙو ۽ ايڪٽ جي دفعہ A-18 ۾ فراهم ڪيل طريقي موجب مزدور يا هاري

ميمبرن جي لاءِ 5 سيڪڙو جي حد تائين مخصوص سيٽون؛

(c) هن طرح جوڙيل ميونسپل ڪارپوريشنز ترتيبوار هڪ ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي چونڊ پنهنجي ميمبرن مان گڏيل اميدوار جي حيثيت سان ”هٽ ڏيکاري“ ڪندا؛

(vii) ذيلي دفعہ (8) جي لاءِ، هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:-

”(8) **ميونسپل ڪميٽيون:-** حڪومت پاران ظاهر ڪيل سنگل ميمبر واردن تي ٻڌل جيتريون ميونسپل ڪميٽيون هونديون ۽ ان ۾ ڄاڻايل ميمبر هوندا:-“

(a) هر ميمبر جيڪو پنهنجي لاڳاپيل وارڊ مان چونڊيل هجي؛

(b) عورتن ميمبرن جي لاءِ 22 سيڪڙو، غير مسلم ميمبرن جي لاءِ 5 سيڪڙو ۽ دفعہ 18_A ۾ فراهم ڪيل طريقي سان چونڊجندڙ مزدور يا هاري ميمبرن جي لاءِ 5 سيڪڙو جي حد تائين سيٽون محفوظ رکڻ؛

(c) هن طرح جوڙيل ميونسپل ڪميٽيون پنهنجي ميمبرن مان هڪ چيئرمين ۽ هڪ وائيس چيئرمين جي چونڊ ”هٽ ڏيکاري“ ڪندي.

(viii) ذيلي دفعہ (9) ۾، شق (b) ۽ (c) جي لاءِ، هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:-

”(b) هڪ عورت، هڪ مزدور يا هاري ميمبر ۽ هڪ غير مسلم ميمبر چونڊيو ويو، دفعہ 18_A ۾ فراهم ڪيل طريقي سان؛

(c) هن طرح جوڙيل ٽائون ڪميٽيون "شو آف هينڊ" جي ذريعي چونڊيل پنهنجي ميمبرن مان هڪ چيئرمين ۽ هڪ وائيس چيئرمين جي چونڊ ڪندي.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 21 جي ترميم
Amendment of Section 21 of Sindh Act No.XLII of 2013

8. ڇاڙتايل ايڪٽ ۾ دفعہ 21 ۾۔

(i) ذيلي دفعہ (1) جي لاءِ هيٺ ڇاڙتايل کي تبديل ڪيو ويندو:۔

"(1) هن ايڪٽ جي دفعات جي تحت، يونين ڪائونسل ۽ يونين ڪميٽي کان علاوه ڪا بہ ڪائونسل دفعہ 18_A جي تحت عورتن، غيرمسلم مزدور ۽ هاري ميمبرن جي نوٽيفڪيشن کانپوءِ ميئر ۽ ڊپٽي ميئر، چيئرمين جي چونڊ ڪندي، وائيس چيئرمين، گڏيل اميدوارن جي حيثيت سان، جيئن معاملو هجي ۽ لاڳاپيل ڪائونسل ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ؛"

(ii) ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظ "گهٽ" کانپوءِ "حلف کڻڻ جي ڏينهن کان" جا لفظ شامل ڪيا ويندا؛

(iii) ذيلي دفعہ (3) جي لاءِ هيٺ ڇاڙتايل کي تبديل ڪيو ويندو:۔

"(3) ڪائونسل جي عهدي جو وقت ختم ڪرڻ تي، حڪومت فوري طور تي اليڪشن ڪميشن کي 120 ڏينهن جي اندر نئين چونڊون ڪرائڻ جي لاءِ درخواست موڪليندي:"

بشرطيڪ حڪومت چونڊيل ڪائونسل جو عهدو سنڀالڻ تائين ڪائونسل جا فرض نڀائڻ جي لاءِ هڪ ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪري سگهي ٿي."

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 8_A جي

18_A. وارڊ بنيادي چونڊ يونٽ هوندو.

| | |
|---|---|
| | نئين داخلا<br>Insertion of new of Section 8_A of Sindh Act No.XLII of 2013 |
| 9. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 31_A جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:_<br>"(1) مڪاني چونڊن جي مقصد جي لاءِ، اليڪشن ڪميشن، ڪائونسل ڪميٽيون ۽ وارڊن جي هن ايڪٽ ۾ فراهم ڪيل طريقي سان حد بندي ڪندي." | 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جو متبادل<br>Substitution of Sindh Act No.XLII of 2013 |
| 10. شيڊول_I ۾، پارٽ_C ۾، "ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ يونين ڪاميٽي" جي عنوان جي تحت، انگ اکر "10000 کان 50000" جي لاءِ، انگ اکر "40000 کان 50000" کي تبديل ڪيو ويندو.<br>**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي شيڊول_1 جي ترميم<br>Amendment of Schedule_I of Sindh Act No.XLII of 2013 |